॥ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَ ॥

اَٿ دوادشو ڌيايَهَ

يارهين ادياءَ جي پڇاڙيءَ ۾ شري ڪرشڻ وري زور ڏنو تہ ارجن! منهنجو هي سروپ جنهن کي توڏٺو، توکان سواءِ پهرين ڪڏهن نہ ڪنهن ڏٺو آهي ۽ نہ پوشيہ (مستقبل) ۾ ڪوئي ڏسي سگهندو. مان نہ تپ سان، نہ يگيہ سان ۽ نہ دان سان ئي ڏسڻ ۾ سولو آهيان؛ پر اننيہ ڀڳتيءَ دواران معنيٰ مون کانسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ شرڌا بڪڙي نہ سگهي، هميشهہ تيل ڌارا وانگر منهنجي چنتن دواران ٺيڪ اهڙي طرح جيئن تو ڏٺو، مونکي ظاهر ظهور ڏسڻ جي لاءِ، تَتوَ کي ساکيات ڄاڻڻ لاءِ ۽ پرويش ڪرڻ لاءِ آسان آهي. هاڻي ارجن! سدائين منهنجو ئي چنتن ڪر، ڀڳت ٿيءُ. ادياءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هنن چيو هو، ارجن! تون منهنجي دواران مقرر ڪيل ڪرم ڪر. مَتپرمَهَ بنا ڪنهن ٻئي جي آسري منهنجي آڌار تي ڪر. اننيہ ڀڳتي ئي اُنجي پراپتي جو وسيلو آهي. ان تي ارجن جو سوال سپاويڪ هو تہ جيڪي اويڪت اڪشر (نرگڻ) جي اپاسنا ڪن ٿا ۽ جي سگڻ توهانجي اُپاسنا ڪن ٿا، اُنهن ٻنهي ۾ سريشٽ ڪير آهي؟

هتي هن سوال کي ارجن ٽيون ڀيرو اُٿاريو آهي. ادياءَ ٽئين ۾ هن چيو هو تہ، ڀڳون ! نشڪام ڪرم جي ڀيٽ ۾ سانکيہ يوگہ توهانکي سريشٽ ٿو لڳي، تہ توهين مونکي ڀينڪر ڪرمن ۾ ڇوٿا لڳايو؟ ان تي شري ڪرشڻ چيو هو

ارجن! نشڪام ڪرم يوڳ سنو لڳي چاهي گيان مارڳ، ٻنهي ئي درشٽين ۾ ڪرم تہ ڪرڻو ئي پوندو. ايتري هوندي بہ جو اندرين کي هٺ سان روڪي من سان وشين جو سمرڻ ڪري ٿو اُهو پاکنڊي آهي، اهنڪاري آهي، گياني نہ، هاڻي ارجن! تون ڪرم ڪر. ڪهڙو ڪرم ڪريان؟ تہ ”نِيَتَمِ ڪُرو ڪَرمِ تُوَمِ“ مقرر ٿيل ڪرمن کي ڪر. نرڌارت ڪرم ڇا آهن؟ تہ ٻڌاياڻون يڳيہ جي پرڪريا ئي هڪ ماتر ڪرم آهي. يڳيہ جي وڏي ٻڌايائين، جا آرادنا چنتن جي وِڌي وشيش آهي، پرم ۾ پرويش ڏيارڻ واري پرڪريا آهي. جڏهن نشڪام ڪرم يوڳ ۽ گيان مارڳ ٻنهي ۾ ئي ڪرم ڪرڻو آهي، يڳيارت ڪرم ڪرڻو آهي، ڪِريا هڪ ئي آهي تہ فرق ڪهڙو؟ يڳت ڪرمن کي سمرپڻ ڪري اشٽ جي آڌار تي يڳيارت ڪرم ۾ پرورت ٿيندو آهي، تہ ٻيو سانکيہ يوگي پنهنجي شڪتيءَ کي سمجهي (پنهنجي پروسي) اُنهي ڪرم ۾ پرورت ٿيندو آهي. پوري محنت ڪري ٿو.

اڏياءَ پنجين ۾ ارجن وري سوال ڪيو ڀڳون! توهين ڪڏهن سانکيہ ذريعي ڪرم ڪرڻ جي ساراهہ ٿا ڪريو، تہ ڪڏهن سمپورڻ وسيلي نشڪام ڪرم يوڳ جي ساراهہ ڪيو ٿا. انهن ٻنهي ۾ سريشٽ ڪير آهي؟ هيلتائين ارجن سمجهي چڪو هو تہ ڪرم ٻنهي درشٽين ۾ ڪرڻو پوندو پوءِ بہ ٻنهي ۾ سريشٽ مارڳ چونڊڻ تي چاهيائين. شري ڪرشڻ چيو آ ارجن ! ٻنهي درشٽين سان ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ وارا مونکي ئي پراپت ٿين ٿا؛ پر سانکيہ مارڳ جي ڀيٽ ۾ نشڪام ڪرم سريشٽ آهي. نشڪام ڪرم جي شروعات ڪرڻ بنا نہ ڪوئي يوگي ٿئي ٿو ۽ نہ گياني. سانکيہ يوڳ ڏکيو

آهي، اُن ۾ مشڪلاتون گهڻيون آهن.

هتي تئين ڀيري ارجن اهوئي سوال رکيو آهي تہ ڀڳون ! توهان ۾ اننيہ ڀڳتيءَ سان لڳڻ وارا ۽ اويڪت اڪشر (نرگڻ) جي اُپاسنا ۾ (سانکيہ يوگہ سان) لڳڻ وارن انهن ٻنهي ۾ سريشٽ ڪير آهي؟

अर्जुन उवाच

एवं सततयुक्ता ये भक्तस्त्वां पर्युपासते।
ये चाप्यक्षरमव्यक्तं तेषां के योगवित्तमाः।।१।।

ارجن اُواچ

ايوَمِ سَتَتَيُڪتايي ڀَڪتاسِتُوامِ پَريوُپاستي
يي چاپيَڪشَرَ مَويڪتَمِ تيشامِ ڪي يوگوِتَماها (١)

''ايوَمِ'' معنيٰ ان طرح هن وقت توهان وِڏي ٻڌائي آهي، نيڪ انهي وڏيءَ انوسار اننيہ ڀڳت ڪان جو توهانجي شرن وٺي، توهان سان هميشهہ مليل هوندي توهان جي چڱيءَ طرح اُپاسنا ڪري ٿو ۽ ٻيو جو توهان جي شرن نہ وٺي آزاد روپ سان پنهنجي پروسي اُن اڪشيہ ۽ اويڪت (قائم، آتما) سوروپ جي اُپاسنا ڪن ٿا جن ۾ توهين بہ اسٿت آهيو، انهن ٻنهي ڀڳتن مان وڏيڪ اُتم يوگہ ويتا ڪير آهي؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشن چيو:

श्रीभगवानुवाच

मय्यावेश्य मनो ये मां नित्ययुक्ता उपासते।
श्रद्धया परयोपेतास्ते मे युक्ततमा मताः।।२।।

شري ڀڳوان اُواچ

''مَييا ويِشيَہ مَنويي مامِ نِتيَيِڪتا اُپاسَتي
شِرَڌَيا پَرَيوپيتاسِتي مي يُڪتتما متاهہ (٢)

ارجن! مون ۾ من کي ايڪاگر ڪري سدائين مون سان

ملين هوندي جي ڀڳت جن پرم سان سنٻنڌ رکڻ واري سريشٽ شرڌا سان ملين رهي منهنجو ڀڄن ڪن ٿا، اُهي مان يوگين کان به وڏيڪ اُتم يوگي مڃيان ٿو.

ये त्वक्षरमनिर्देश्यमव्यक्तं पर्युपासते।
सर्वत्रगमचिन्त्यं च कूटस्थमचलं ध्रुवम्।।३।।

يي ٽُوَڪِشرَ نِرديشِيَمَوِيڪتَمِ پَريوُپاسَتي
سَرِوتِرَگَمَ چِنِتيَمِ چَہ ڪوُٽَسِٿَمَچَلَمِ ڌِرُوَمِ“ (٣)

सन्नियम्येन्द्रियग्रामं सर्वत्र समबुद्धयः।
ते प्राप्नुवन्ति मामेव सर्वभूताहिते रताः।।४।।

”سَنِيَمِيينِدرِ يَگرامَمِ سَرِوَتِرَسَمَبُڌَيَهَہ
تي پِراپِراٽُونتي ماميوَ سَرِوَڀوُتَهِتي رَتاهَہ (۴)

جو پرش سڀني اندرين کي چڱيءَ طرح سنيم ڪري من ٻُڌي جي چنتن کان تمام پري سَرووياپي، ڪٿڻ کان پري سوروپ، سدا هڪ رس رهڻ وارو، نتيہ، اچل، اويڪت، آڪار رهت ۽ اوناشي برهم جي اُپاسنا ڪن ٿا، سمپورڻ ڀوتن جي ڀلي ۾ لڳل ۽ سڀ ۾ سمان ڀاوُ رکڻ وارا اُهي يوگي به مونکي پراپت ٿين ٿا. برهم کان مٿي صفت مونکان جدا نہ آهي؛ پر

क्लेशोऽधिकतरस्तेषामव्यक्तासक्तचेतसाम्।
अव्यक्ता हि गतिर्दुःखं देहवद्भिरवाप्यते।।५।।

ڪِليشو ڌِڪَتَرَسِتيشامَوِيَڪِتا سَڪِتَچيتَسامِ
اَوِيَڪِتا هي گَتِرِدُکَمِ ديهَوَدِڀِرَواپِيَتي (٥)

اُن اويڪت (اڻ ڏٺل آتما) پرماتما ۾ آسڪت ٿيل چت وارن پرشن جي ساڌن ۾ ڪليش خاص آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ديهہ ايمانين کي اويڪت وشيڪ گتي دکہ پوروڪ پراپت ٿي وڃي

ٿي. جيستائين ديهہ جو اهنڪار آهي، تيستائين اويڪت جي پراپتي ڪٺن آهي.

يوگيشور شري ڪرشڻ ستگرو هو. اويڪت پرماتما اُن ۾ ويڪت (ظاهر) هو. هو چون ٿا مهاپرش جي شرڻ نہ وٺي ساڌڪ پنهنجي شڪتي سمجهي اڳيان وڌن ٿا تہ مان هن اوستا ۾ اهيان، اڳيان هن اوستا ۾ ويندس، مان پنهنجي ئي اويڪت شرير کي پراپت ٿيندس، اُهو منهنجو ئي روپ هوندو، مان اُهوئي آهيان. ان طرح سوچي، پراپتيءَ جو انتظار نہ ڪري پنهنجي شرير کي ئي ”سوهَمِ“ چوڻ لڳي ٿو. اهائي هن مارگہ ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ آهي. هو ”دُکالَيَمِ آشا شِوَتَمِ“ ۾ ئي گهمي ڦري ڪڙو ٿي ٿو وڃي. پر جو منهنجي شرڻ وٺي هلي ٿو اُهو

येतु सर्वाणि कर्माणि मयि सन्न्यस्य मत्पराः।
अनन्येनैव योगेन मां ध्यायन्त उपासते।।६।।

يي توُسَروا ڻي ڪَرماڻيمَيہ سَنِيَسيَہ مَتپَراهہ
اَنَنييئَئيوَ يوگين مامِ ڌِياينَت اُپاسَتي “ (٦)

جيڪو منهنجي شرن ۾ ارپيل ٿي سمپورڻ ڪرمن ارٿات آراڌنا کي مون ۾ ارپڻ ڪري اننيہ ڀاوَ سان يوگہ معنيٰ آراڌنا پرڪريا جي دواران هميشهہ چنتن ڪندي ڀڄن ڪن ٿا

तेषामहं समुद्धर्ता मृत्युसंसारसागरात्।
भवामि नचिरात्पार्थ मय्यावेशितचेतसाम्।।७।।

تيشامَهمِ سَمُڌَرتا مِرتِيوُسَنسارَ ساگَراتِ
ڀَوامي نَچِراتِپارٿ مَيياويشِتَچيتَسامِ (٧)

فقط مون ۾ چت لڳائڻ وارن اُنهن ڀڳتن جو مان جلدي ئي مرتيوروپ سنسار ساگر مان اُڌار ڪرڻ وارو هوندو آهيان. ان طرح چت لڳائڻ جي اُتساهہ ۽ وڏيءَ تي يوگيشور روشني

وچهن ٿا.

मय्येव मन आधत्स्य मयि बुद्धिं निवेशय।
निवसिष्यसि मय्येव अत ऊर्ध्वं न संशयः।।८।।

مَيّيوَ مَنَ آڌَتِسوَ مَيي ٻُڌِمِ نِويشَيَہ
نِوَسِشيَسي مَيّوَ اَتَ اوُرڌِوَمِ نَہ سَنِشَيَہ (٨)

ان ڪري ارجن! تون مون ۾ من لڳاءِ، مون ۾ ئي ٻُڌي لڳاءِ. تنهن ڪان پوءِ تون مون ۾ نواس ڪندين، ان ۾ ڪو بہ شڪ يا سنسو نہ آهي. من ۽ ٻُڌي بہ نہ لڳائي سگهين، تڏهن؟ (ارجن پهرين چيو بہ هو تہ من کي روڪڻ تہ مان هوا وانگر مشڪل سمجهان ٿو) ان تي يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا:

अथ चित्तं समाधातुं न शक्नोषि मयि स्थिरम्।
अभ्यासयोगेन ततो मामिच्छाप्तुं धनञ्जय।।९।।

اَٿَ چِتَمِ سَماڌاتُمِ نَہ شڪنوشي مَيَہ سِٿَرَمِ
اڀياسيوگين تَتوَ مامِڇاپِتُمِ ڌننجيہ (٩)

جيڪڏهن تون من کي مون ۾ اچل استاپت ڪرڻ ۾ سمرٿ نہ آهين، تہ هي ارجن! يوگ جي اڀياس دوارا مونکي پراپت ٿيڻ جي اڇا ڪر (جيڏانهن بہ چت وڃي اُتان ڇڪي، ڪڍي آراڌنا، چنتن ڪِريا ۾ لڳائڻ جو نالو اڀياس آهي) جيڪڏهن اهو بہ نہ ڪري سگهين تہ؟

अभ्यासेऽप्यसमर्थोऽसि मत्कर्मपरमो भव।
मदर्थमपि कर्माणि कुर्वन्सिद्धिमवाप्स्यसि।।१०।।

اڀياسسيپيَسَمرِ ٿو سي مَتِڪرمَپَرَمو ڀَوَ ا
مَدَرِ ٿمپي ڪَرماڻي ڪُرِوَنِسَدِيمَواپِسيَسي اا (١٠)

جيڪڏهن تون اڀياس ۾ بہ اسمرٿ آهين، تہ فقط منهنجي لاءِ ڪرم ڪر معنيٰ آراڌنا ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃ. ان طرح منهنجي پراپتي لاءِ ڪرمن کي ڪندي

منهنجي پراپتي روپي سِڌيءَ کي ئي پراپت ٿيندين معنيٰ جي ابياس به پار نه لڳي، ته ساڌنا پٽ ۾ پوريءَ طرح لڳو رهه.

अथैतदप्यशक्तोऽसि कर्तुं मद्योगमाश्रितः।
सर्वकर्मफलत्यागं ततः कुरु यतात्मवान्॥११॥

اَٿَئيتَدَپيَشَڪتو سي ڪَرتُم مَدِيوگماشِرتَهه ا
سَروَ ڪُرمَ ڦَلَتِياگَم تَتَهه ڪُرو يَتاتِمَوان اا (اا)

جيڪڏهن ان کي به ڪرڻ ۾ اسمرٿ هجين ته سمپورڻ ڪرم جي ڦل جو تياڳ ڪر معنيٰ لاڀ ۽ هاڃيءَ جي چنتا ڇڏي ''مدِيوگ'' جي آسري ٿي معنيٰ سمرپڻ سان آتموان مهاپرش جي شرڻ ۾ وڃ. ان مان اُتساهه پائي ڪرم پنهنجو پاڻ ٿيڻ لڳندا. سمرپڻ سان گڏوگڏ ڪرم ڦل جي تياڳ جو مَهتو ٻڌائيندي يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا:

श्रेयो हि ज्ञानमभ्यासाज्ज्ञानाद्ध्यानं विशिष्यते।
ध्यानात्कर्मफलत्यागस्त्यागाच्छान्तिरनन्तरम्॥१२॥

شِريو هي گيانمڀياساجگياناڌِياڻَم وِشِشيتِ
ڌِياناتِڪرمَ ڦل تِياگسِتِياگاڇانتيرَنَنتَرَم (١٢)

فقط چت کي روڪڻ جي ابياس سان گيان مارگ سان ڪرم ۾ پرورت هئڻ سريشٽ آهي. گيان ذريعي ڪرم کي ڪاريه روپ ڌيڻ جي ڄيت ۾ ڌيان سريشٽ آهي؛ ڇاڪاڻ ته ڌيان ۾ اشٽ رهندو ئي آهي. ڌيان کان به سمپورن ڪرمن جي ڦل جو تياڳ سريشٽ آهي، ڇاڪاڻ ته اِشٽ جي لاءِ سمرپڻ سان گڏ ئي يوگ تي درشٽي رکندي ڪرم ڦل جو تياڳ ڪرڻ سان هنجي پلي ڪرڻ جي ذميواري اِشٽ جي ٿي ويندي آهي. تنهنڪري هن تياڳ سان جلدئي ، ترت ئي پرم شانتي کي پراپت ٿي ويندو آهي.

هيل تائين يوگيشور شري ڪرشڻ ٻڌايو تہ اويڪت (اڻ ڏٺل) جي اُپاسنا ڪرڻ وارا گيان مارگي ڪان سمرپڻ سان گڏ ڪرم ڪرڻ وارو نشڪام ڪرم يوگي سريشٽ آهي. ٻئي ساڳيو ئي ڪرم ڪن ٿا؛ پر گيان مارگي جي پٿ ۾ دست اندازي تڪليفون وڌيڪ آهن. اُن جي لاءِ هاڃي جي ذميواري پاڻ تي رهندي آهي، جڏهن ڪِ سمرپت ڀڳت جي ذميواري مهاپرش تي ٿيندي آهي تنهنڪري هو ڪرم ڦل تياڳہ دواران جلدي ئي شانتيءَ کي پراپت ٿيندو آهي. هاڻي شانتي پراپت پرش جا لڪشڻ ٻڌائين ٿا.

अद्वेष्टा सर्वभूतानां मैत्रः करुण एव च।
निर्ममो निरहङ्कारः समदुःखसुखः क्षमी।।१३।।

اَدويشٽا سَروَڀوُتانام مَئيترَهہ ڪروڻ اِوَ چہ
نِرمَمونِراَهنڪارَهہ سَمَدُکہ سُکهہ کَشَمِ (١٣)

ان طرح شانتي پراپت ڪيل پرش سڀ ڀوتن ۾ دويش ڀاوَ کان رهت، سڀ جو پريمي، سوارٿ، پنهنجي ڀلي کان رهت ديالو آهي ۽ جو ممتا کان رهت، اهنڪار کان رهت سکہ دکہ جي پراپتي ۾ سَمَ ۽ کميا وان آهي.

सन्तुष्टः सततं योगी यतात्मा दृढनिश्चयः।
मय्यर्पितमनोबुद्धिर्यो मद्भक्तः स मे प्रियः।।१४।।

سَنتُشٽَهہ سَتَتَم يوگي يَتاتِما دِرڍَ نِشچَيَهہ
مَيرپِتَمَنو بُڌيِريو مَدڀَڪتَ سَ مي پِرَيَهہ (١٤)

جيڪو لڳاتار يوگہ جي اُوج سان گڏيل آهي. لاءِ يا هاڃيءَ ۾ سنتشٽ آهي، من توڙي اندرين سان گڏ شرير کي وس ۾ ڪيو اٿائين، درڍ نشچي وارو آهي. هو مونکي ارپت من ۽ بُڌيءَ وارو منهنجو ڀڳت مونکي پيارو آهي.

यस्मान्नोद्विजते लोको लोकान्नोद्विजते च यः।
हर्षामर्षभयोद्वेगैर्मुक्तो यः स च मे प्रियः।।१५।।

يَسِمانودِوَجتي لوڪو لوڪانودِوَجتي چَہ يَہَہ
هَرِشامَرِشڀيودِويگَئيرِمُڪتويَہَہ سَ چَہ مي پرِيَہَہ (۱۵)

جنهن سان ڪوئي بہ جيو چنتا، ڳڻتي ۽ فڪر کي پراپت نٿو ٿئي ۽ جو پاڻ بہ ڪنهن جيو سان تڪرار يا بحث ۾ نٿو ٿئي ۽ هرش (خوشي) سنتاپ (دڪہ) ڀيہ (ڊپ) ۽ سڀني مونجهارن کان مڪت آهي، اُهو ڀڳت مونکي پيارو آهي.

ساڌڪن لاءِ هيءُ شلوڪ ڏاڍو اپيوگي آهي. اُنهن کي هن ڍنگ سان رهڻ گهرجي تہ هنن جي دوارا ڪنهن جي من کي چوٽ نہ لڳي. ايترو تہ ساڌڪ ڪري سگهي ٿو؛ پر ٻيا ماڻهو انهي آچرڻ، وهنوار سان هلندا. هو تہ سنساري آهن ئي، هو تہ باهہ اوڳاريندا، ڪجهہ بہ چوندا؛ پر پڪ ڪ ڪي گهرجي تہ پنهنجي هرديہ ۾ اُنهن جي دوارا (اُنهن جي تڪليفن ۽ چوٽن کان) اُٿل پٿل نہ ٿئي. چنتن ۾ سُرت لڳي رهي، سلسلو نہ ٽٽي. مثال جي لاءِ پاڻ رستي تي نيم انوسار ڏائي پاسي هلي رهيو آهي، ڪير شراب پيئندو هلندو ٿو اچي، اُن کان بچڻ بہ توهانجي ذميواري آهي.

अनपेक्षः शुचिर्दक्ष उदादीनो गतव्तथः।
सर्वारम्भपरित्यागी यो मद्भक्तः स मे प्रियः।।१६।।

اَنَپيَڪشَہَہ شُچيرِدَڪَش اُداسينو گَتَوِيَٿَہَہ
سَرِوارِمڀپرِيتِياگي يو مَدڀَڪتَہَہ سَ مي پرِيَہَہ (۱٦)

جو پرش اڇائن کان رهت، سدائين پوتر آهي، ’’دڪشهہ‘‘ معنيٰ جو آراڌنا جو مکيہ پرش هجي (اهڙو نہ تہ چوري ڪندو هجي تہ دڪش آهي. شري ڪرشڻ جي انوسار ڪرم هڪ ئي آهي، نيت ڪرم (مقرر ڪرم) آراڌنا، چنتن، اُنهن ۾ جو هوشيار آهي) ؛ جو پاسخاطريءَ کان پري آهي، دکن کان مڪت آهي. سڀني شروعاتن جو تياڳي آهي

اُهو منهنجو ڀڳت مونکي پيارو آهي. ڪرڻ يوگيہ ڪائي به ڪِريا هنجي دواران شروع ٿيڻ لاءِ باقي نٿي رهي.

यो न हृष्यति न द्वेष्टि न शोचति न काङ्क्षति।

शुभाशुभपरित्यागी भक्तिमान्यः स मे प्रियः।।१७।।

يو نَہ هَرشِيَتي نہ دويِشٽي نَہ شوچَتي ڪانڱڪِشَتي

شُڀاشُڀ پَرِيتياگي ڀَڪتَمانِيَهہ سَ مي پِرَيَهہ (١٧)

جو نہ ڪڏهن خوش ٿئي ٿو، نہ ويرڪري ٿو، نہ شوڪ ڪري ٿو، نہ ڪامنائي ڪري ٿو، جيڪو شڀ ۽ اشڀ سڀني ڪرمن جي ڦل جو تياڳي آهي، جنهن ڪوئي شئي جدا نہ آهي، اشڀ باقي رهيو نہ آهي. ڀڳتي جي اُن فلڪ سان گڏيل اُهو پرش مونکي پيارو آهي.

समः शत्रौ च मित्रे च तथा मानापमानयोः।

शीतोष्णसुखदुःखेषु समः सङ्गविवर्जितः।।१८।।

سَمَهہ شَترَوُ چَہ مِتري چَہ تٿا مانا پَمانَيوهہ

شيتوشڻ سُکَدُکيشُو سَمَهہ سَنگِوَرجِتَهہ (١٨)

جو پرش شترو ۽ متر ۾، مان اپمان ۾ سَمَ آهي، جنهنجي انتهڪرڻ جون وِرتيون سڀ شانت آهن، جو سردي گرمي، سک دک وغيره جهڳڙن ۾ سَمَ ۽ بنا آسڪتي آهي توڙي:-

तुल्यनिन्दास्तुतिर्मौनी सन्तुष्टो येन केनचित्।

अनिकेतः स्थिरमतिर्भक्तिमान्मे प्रियो नरः।।१९।।

''تُليَنندا سِتُتِر مؤني سَنتُشٽو يين ڪينَچِت

اَنِڪيتَهہ ستَرَ مَتَرِ ڀَڪتيمانِمي پِرَيو نَرَهہ'' (١٩)

جوننداا توڙي اُستتيءَ کي سمان سمجهڻ وارو آهي، منن شيلتا جو چرم سيما تي پهچي جهنجون من سهت اندريون شانت ٿي چڪيون آهن، جنهن بہ طرح سرير نرواهہ هئڻ ۾ سدائين سنتشٽ آهي، جو پنهنجي نواس استان

منعيل گهر ۾ ممتا کان رهت، ڀڳتيءَ جي مٿين سطح تي پهتل اُهو استر ٻُڌيءَ وارو پرش مونکي پيارو آهي.

ये तु धर्म्यामृतमिदं यथोक्तं पर्युपासते।
श्रद्दधाना मत्परमा भक्तास्तेऽतीव मे प्रिया:॥२०॥

”يي تُوُ ڌَرِ ميامِرِ تَمِدَمِ يَٿوڪتَمِ پَرِيُوُ پاسَتي
شِرَڌانا مَتپَرَما ڀَڪتا سِتيِوَ مي پِرَياهه ” (٢٠)

جو مون ۾ پوريءَ طرح رتل آهي هاردڪ شرڌا سان پورڻ پرش هن مٿي چيل امرت جو چڱيءَ طرح سيون ڪري ٿو، اُهو ڀڳت مونکي تمام پيارو آهي.

تاتپرج :-

اڳئين اڌياءَ جي انت ۾ شري ڪرشڻ چيو هو تہ، ارجن ! توڪانسواءِ نہ ڪنهن پاتو آهي، نہ پائي سگهندو - جيئن تو ڏٺو، پر آننيہ ڀڳتي ۽ انوراگہ سان جو ڀڄن ڪري ٿو، اُهو ان طرح مونکي ڏسي ٿو ۽ مون ۾ پرويش بہ پائي سگهي ٿو. ارٿات پرماتما اهڙي ستا آهي، جنهن کي پائي سگهجي ٿو. هاڻي ارجن! ڀڳت ٿيءُ.

ارجن هن اڌياءَ ۾ سوال ڪيو، ڀڳوان ! اَنَنيہ ڀاوَ سان تون جي توهانجو چنتن ڪن ٿا ۽ ٻيا جي آڪشر (اڻ ڏٺل) جي اُپاسنا ڪن ٿا. انهن ٻنهي مان اُتم ڪير آهي؟ يوگ يشور شري ڪرشڻ ٻڌايو تہ ٻئي مونکي ئي پراپت ٿين ٿا چاڪاڻ تہ مان اويڪت سوروپ آهيان، پر جو اندرين کي وس ۾ رکندي من کي سڀ طرف کان سميٽي اويڪت پرماتما ۾ آسڪت آهي. اُنهن جي پٿ ۾ ڪليش گهڻا آهن. جيستائين ديهہ جو اڌياس (موهہ) آهي، تيستائين اويڪت سروپ جي پراپتي دڪہ پورڻ آهي، ڇو جو اويڪت سروپ تہ

چت کي روڪڻ ۽ ولين ڪال ۾ ملندو. اُن ڪان پهرين هنجو شرير ئي وچ ۾ روڪاوٽ بڻجي ٿو پوي. ”مان آهيان“ ”مان آهيان“ مونکي پائڻو آهي - جو چوندي چوندي پنهنجو شرير طرف گهمي وڃي ٿو. ان جي لڙکڙائڻ جي وڏيک سمپاونا آهي. هاڻي ارجن ! هاڻي تون سمپورڻ ڪرمن کي مون ۾ سمپرڻ ڪري اَنني ڀڳتيءَ سان منهنجو چنتن ڪر. جي منهنجا پيارا ڀڳت سمپورڻڪرمن کي مون ۾ ارپڻ ڪري مانَوُشرير ڌاري مون کي سڳڻ يوگي جي روپ جي ڌيان دواران تيل ڌار وانگر نرنتر چنتن ڪن ٿا، اُنهنجو مان جلد ئي سنسار-ساگر مان اُڌار ڪرڻ وارو ٿي وڃان ٿو. هاڻي تنهنڪري ڀڳتي مارگ سريشٽ آهي.

ارجن ! مون ۾ من کي لڳاءِ. مون ڏي نه لڳي تڏهن به لڳائڻ جو اڀياس ڪر. جيڏاهن به چت وڃي وري گهسيٽي ان کي روڪ. اهو به ڪرڻ ۾ اسمرٿ آهين ته تون ڪرم ڪر. ڪرم هڪ ئي آهي، يگيارٿ ڪرم. تون ڪاريَم ڪرم ڪندي پرجندو وڃ، ٻيو نه ڪر.

ايترو ئي ڪر، پار لڳي چاهي نه لڳي، جيڪڏهن اهو به ڪرڻ ۾ اسمرٿ آهين، ته استٿ پرگيه، آتموان، تتِوَگيه مها پرش جي شرڻ وٺي سمپورڻ ڪرم ڦلن جو تياڳ ڪر. اهڙو تياڳ ڪرڻ سان تون پرم شانتيءَ کي پراپت ٿي ويندين.

تنهن ڪانپوءِ پرم شانتي پراپت ڪيل ڀڳت جا لڪشڻ ٻڌائيندي يوگيشور شري ڪرشڻ چيو - جيڪو سمپورڻ ڀوتن ۾ دويش ڀاوَ ڪان رهت آهي. جو ديا ڪروڻا سان ڀريل آهي ۽ ديالو آهي، ممتا ۽ اهنڪار ڪان رهت آهي، اهو ڀڳت

مونکي پيارو آهي. جنهن مان نہ ڪنهن کي چنتا ٿئي ٿي ۽ نہ پاڻ بہ ڪنهن جي بحث ۽ تڪرار کان پري آهي، سڀني شروع ٿيل ڪامنائن کي تياڳي جنهن انت پائي ورتو آهي. اهڙو ڀڳت مونکي پيارو آهي. سڀني ڪامنائن جو تياڳي ۽ شڀ اشڀ جو پار پائڻ وارو ڀڳت مونکي پيارو آهي. جو گلا اُستتي ۾ سمان ۽ شانت آهي. من سان گڏ سندس اِندريون شانت ۽ مؤن آهن، جو ڪنهن بہ پرڪار شرير جي گذران ۾ سنتُشت ۽ رهڻ جي جڳهہ ۾ ممتا کان رهت آهي، شرير جي بچاءُ ۾ بہ جنهنجي آسڪتي (موهہ) نہ آهي. اهڙو استتپرگيہ ڀڳتيءَ وارو پرش مونکي پيارو آهي.

اهڙيءَ طرح يارهين شلوڪ کان اوڻويهين شلوڪ تائين يوگيشور شري ڪرشن شانتي پراپت يوگہ يڪت ڀڳت جي رهڻيءَ تي پرڪاش وڌو، جيڪو سادڪن لاءِ اُپديش ڏيڻ وارو آهي. پڇاڙيءَ ۾ نرِتَئہ ڏيندي هن چيو- ارجن جيڪو منهنجي ڀڳت هئڻ تي اَننيہ شرڌا سان پورڻ پرش هنن مٿي چِيل ڌرمہ ميہ امرت کي نشڪام ڀاوَ سان چڱيءَ طرح وهنوار ۾، آچرڻ ۾ پاڻ کي ٺپي ٺاهي ٿو، اُهو ڀڳت مونکي تمام پيارو آهي. هاڻي سمرپڻ سان گڏ هن ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ تمام شڀ آهي، چاڪاڻ تہ اُنجي هاڃي لاڀ جي ذميواري اهو اِشٽ ستگرو پنهنجي مٿان کڻي ٿو وٺي. هتي شري ڪرشڻ سوروپ استت مهاپرش جا لڪشڻ ٻڌايا ۽ اُنهن جي شرڻ ۾ وڃڻ لاءِ چيو ۽ انت ۾ پنهنجي شرڻ آچڻ جي پريرڻا ڏيئي اُنهن مهاپرشن جي سامهون پنهنجو پاڻ لاءِ گ هوشڻا ڪئي. شري ڪرشڻ هڪ يوگي، مهاتما هئا.

هن اڌياءَ ۾ ڀڳتيءَ کي سريشٽ ٻڌايو ويو، تنهنڪري هن اڌياءَ جو نام ڪرڻ ''ڀڳتي يوگہ'' سان سنگت آهي.

اوم تَتِسَدِتيِ شريمَدَ ڀگوتگيتا سوُ ڀَنِشَتِسوُ برهم
وديا يام يوگشاسِتِرِي شري ڪرشڻ ارجن سموادي
”ڀَڪتيِيوگو“ نام ديوادُشو ڊِيايَهه - اا ١٢ اا

ان طرح شريمد ڀگودِ گيتا روپي ايوَمِ برهم وديا يوگ
شاستري وِشَيڪ شري ڪرشڻ ۽ ارجن جي سنواد ۾ ”ڀڳتي
يوگ“ نامڪ ٻارهون اڌياءُ پورو ٿئي ٿو.

اِتي شريمَتِپَرَمَهنس پَرمانندَسِيهَ شِشيهَ سوامي اڙگڙا
نند ڪِرتي شريمد ڀَڳوِدِ گيتا ياٿه يٿارٿ گيتا ڀاشيي
”ڀڳتي يوگو“ نام دوادشو ڊِيايَهه اا ١٢ اا

اا هري اوم تَتِ سَتِ اا